# نئون چینا



لیکک ب. آتم

# نئون چين

(مورتن سان)

اي جي

ليکڪ:- آتم



قيمت ٻارهن آنا

History
38
6300
29.6.2001

٩٥٣

ڇپائيندڙ:- ڪيرت ٻاٻاڻي

چندن پرنٽنگ پريس، هسالي ٽلڪ روڊ،
دادر، بمبئي ٢٨.

# فهرست


| | | صفحو |
|---|---|---|
| ٻه اکر | پروفيسر منگهارام ملڪاڻي | ٣ |
| مهاڳ | پروفيسر گيهيمل مولچنداڻي | ۴ |
| جهان ۾ طوفان | (شعر) سردار جعفري | ٧ |
| اچي رهيو آ | | |
| ١- پارت - چين دوستي | | ٩ |
| ٢- آزاديءَ جو اتهاس | | ١٥ |
| ٣- حڪومت جو سرشتو | | ٢٢ |
| ۴- رهڻي ڪرڻي جو درجو | | ٢٩ |
| ٥- اناج جو مسئلو | | ٣٩ |
| ٦- هنري ترقي | | ٥٠ |
| ٧- ريلوي جي اڏاوت | | ٦٠ |
| ٨- سماجي انقلاب | | ٦٣ |
| ٩- سزا جو سرشتو | | ٧٠ |
| ١٠- استرين جي آزادي | | ٧٥ |
| ١١- اقليتن جو مسئلو | | ٨٠ |
| ١٢- صحت ۽ صفائي | | ٨۴ |
| ١٣- تعليمي ترقي | | ٨٧ |
| ١۴- تهذيبي زندگي | | ٩١ |
| ١٥- ڪاميابيءَ جو راز | | ٩٦ |
| ١٦- اپياس ڪيل ڪتابن جي يادداشت | | ٩٩ |



Printed and Published by Kirat Babani
at the Chandan Printing Press, Hansali Tank Road,
Dadar (W.R.) Bombay 28.

# ٻہ اکر

مشرقي دنيا ۾ هندستان ۽ چين وڏي ۾ وڏا پاڙيسري ملڪ آهن. سندن سڀيتا ساري سنسار ۾ جهوني ۾ جهوني آهي ۽ لڳ ڀڳ هڪجهڙي آهي. ڀارت کي ۵½ سال ۽ چين کي ۳½ سال ٿيا جو صدين جي غلاميءَ کان آزادي حاصل ڪئي اٿن. ان ٿوري عرصي ۾ هڪ پاسي چين نظامي ڪماليت حاصل ڪري چڪو آهي، ٻئي پاسي هندستان ڪيترو نہ پٺتي پيل آهي! چين جي مثال مان هندستان کي گهڻا ڪارائتا سبق سکڻا آهن، تنهنڪا نپوءِ ئي ٻئي ملڪ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اوير جي اڳوالي ڪري سگهندا.

منهنجو ادبي دوست "اُتم" ڪيتري وقت کان چين جي نئين نظام جو گهرو ابياس ڪندو آيو آهي. هاڻي اُها ڪوجنا مڪمل ڪري "نئون چين" ڪتاب لکيو اٿس. ان ۾ چين جي نئين سرشتي جي هر پهلوءَ کان روشني وڌي ويئي آهي، سياسي، آرٿڪ، سماجڪ، تعليمي، هنري وغيره وغيره، ۽ چيني زندگيءَ جا مڙيئي پاسا نهايت چٽيءَ طرح سمجهايل آهن ۽ دلچسپ نموني ۾ پيش ڪيل آهن. "اُتم" جي عبارت بہ دستور موجب چٽي ۽ مائيدار آهي. مونکي خاطري آهي تہ هي ڪتاب سنڌي پاٺڪن ۾ چين ولايت بابت چٽي ڄاڻ پيدا ڪندو ۽ ڀارت - چين جي قديم دوستي وري قائم ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪندو.

بمبئي، ۱۲-۴-۵۳ **پروفيسر منگهارام ملڪاڻي**

جي گهٽتائي ڪئي آهي. ها، هن اُن سرڪار کي دنيا اڳيان
هڪ مجرم جي صورت ۾ پيش ضرور ڪيو آهي،
جنهن جي راڄ ۾ مائرون بک وچان پنهنجا جان جگر وڪڻن
ٿيون، نوجوان بيڪاريءَ ڪري آپگهات ڪن ٿا، نوجوان
ڇوڪريون پيٽ پالڻ لاءِ عصمت فروشيءَ جو پيشو اختيار
ڪن ٿيون ۽ معصوم گلڙا سر تريءَ تي کڻي ٽڪرن ۾ ڪتمنڙا
وڪڻي پيٽ پالين ٿا يا بيڪاريءَ ۾ آوارا بڻجي در در جي
خاڪ ڇاڻين ٿا. ليڪن جڏهن چين ۾ اهڙي راڄ کي ختم
ڪيو ويو تڏهن ئي جنتا جي بک، بيڪاري ۽ بي علمي
جو مسئلو حل ٿي سگهيو. اڄ ٿيئن چين جي گهرن ۽ گهٽين
ڳوٺن ۽ شهرن، کيتن ۽ ڪارخانن، ڪورٽن ۽ قيدن،
آفيسن ۽ لشڪر ۾ سڀ هنڌ لوڪشاهي نموني ۾ ڪاروبار
هلي رهيو آهي.

هن ڪتاب جي بي خوبي اها آهي جو ”اُتم“ خشڪ
انگن اکرن ۽ حقيقتن کي پنهنجي سپڪ ۽ سلوڻي ڀاشا
سان اهڙو نه دلچسپ ۽ دلڪش بڻايو آهي جو پاٺڪ ان
کي يڪساهي پڙهي پورو ڪرڻ کان سواءِ نه ڇڏيندو.
”نئون چين“ ڪتاب پيش ڪري ”اُتم“ جا سنڌي
جنتا ۽ ساهتيه جي سيوا ڪئي آهي تنهنلاءِ هن ڀيسڪ
داد لهڻو. آشا اٿم ته سنڌي جنتا هن قيمتي ۽ ڪارائتي
علمي ذخيري مان فيض پرائيندي.

بمبئي،
١٤-٤-٥٣

پروفيسر گيهيمل مولچنداڻي

# جھان ۾ طوفان اچي رھيو آ

## ليکڪ:- سردار جعفري

جھان ۾ طوفان اچي رھيو آ

يونان ۽ شانسيءَ جي غارن مان اڀ ڳٽيا آفتاب نڪتا
ٻغاوتون ماٽرين مان نڪتيون پھاڙ مان انقلاب نڪتا
سپاهي اچ بڻجي **زرد** درياه جي ھرطرف کان حباب نڪتا
انھن حبابن جي تيز طوفان ۾ چين اڳتي وڌي رھيو آ
جھان ۾ طوفان اچي رھيو آ.

صديون پراڻيون سنگين جي نوڪ تي ڪٽجي اچ اُٿيا ھي دھقان
دلين مان بيتاب بڻجي ٻاھر اچن ٿا نڪري دلين جا ارمان
ھلي اُٿين فوج جڻ ڪا آندي، جھنڊا اڏن اٿين لڳي جڻ طوفان
زمين ڪي زلزلن جو مضبوط ھٿ اچ لوڏا ڏيئي رھيو آ
جھان ۾ طوفان اچي رھيو آ.

پڪاري اچ چين ٿو چوي مان ته ايشيا جي نجات آھيان
ڏسڻ ۾ ھڪڙو ئي ملڪ ليڪن مان سچ ته ھڪ ڪائنات آھيان
جا ايسٽالن جي دل مان نڪتي سا مائوجي لب جي بات آھيان
سا بات جنھن جو رنگين فسانو دکھو ئي ٿيندو وڃي رھيو آ
جھان ۾ طوفان اچي رھيو آ.

جي بند ڪيون سامراجي رنڊڪن، کلي ويئون اچ سي ليٽ راھون
چين تي چمڪن ته مشڪراھٽون، اکين ۾ ڀي پيار جون نگاھون
حسين سمرقند جي گلي جو آ ھار اچ لٽڪنگ جون ٻانھون
ھماليا تي ڪڙو آ مائو ۽ ايشيا کي سڏي رھيو آ
جھان ۾ طوفان اچي رھيو آ.

ڪامريڊ ماؤ سي تنگ ۽ پنڊت سندر لعل



# ڀارت - چين دوستي

چين ۽ ڀارت جو آدم دنيا جي ڪل آدم جو ٽيون حصو آهي. ٻئي سنسار جا مکيه ديس ليکيا وڃن ٿا. پراچين سڀيتائن مان اڄ صرف چين ۽ ڀارت جي سڀيتا ئي آهي جا اٽڪل ۵ هزار سالن جي لاهين چاڙهين بعد به هماليه پربت جيان اڏول کڙي آهي ۽ بقول اقبال گويا ائين چئي رهي آهي "ڪڇ بات هئه ڪ هستي مٽتي نهين هماري."

صدين کان هماليه جي قدرتي ديوار جي باوجود هن "ريشم جي پرمي" ۽ هن "ڪپهه جي پرمي" جي وچ
تهذيبي ۽ آرٿڪ ناتا قائم رهيا
سڀيتا جي ڏيوٽ آهن. انهن نه صرف هڪ ٻئي ۾
سڀيتا جي ڏيوٽ ڪئي آهي
ليڪن ڏکڻ اڀرندي ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن برما انڊونيشيا، سيام ۽ ملايا وغيره کي به ڀيٽاري آهي. تبت ۾ سڀيتا ڦهلائڻ ۾ ٻنهي ملڪن جو برابر حصو آهي. تبيتين جي رهڻي ڪرڻي، پوشاڪ، هلت چلت وغيره تي چيني سڀيتا جو نشان لڳل آهي. هندستان وري تبت جي ٻولي، ساهت، لپي، سنگتراشي، چترڪاري ۽ ڌرمي خيالن تي گهرو اثر وڌو آهي. پنڊت راهول سانڪرتيائن لکي ٿو، "ڪنهن وقت چين جي

ٽاڻن کي مظبوط ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. چانگڪين پهريون چيني هو جو عيسوي سن کان ١٥٠ سال اڳ ۾ ڀارت ۾ آيو ۽ جنهن انجو ٽالو ۽ علم چين کي ڏنو. ٣٩٩ع ۾ فاهين، ٦٢٩ع ۾ هيونتسنگ ۽ ٦٧١ع ۾ اتسنگ ياتري ڀارت ۾ آيا ۽ ڪيترائي سال رهيا. هننجا سفرناما اسانجي اتهاس جا بينظير خزانا سمجهيا وڃن ٿا. هيونتسنگ ته سنسڪرت جا ٧٥ سنجيده ڪتاب ترجمو ڪيا.

وچولي دؤر ۾ ڀارت ۽ چين جا سنبنڌ مکيه طرح آرٿڪ هئا. چو ته ٻڌ ڌرم جنهن تهذيبي تعلقات قائم ۽ مظبوط ڪرڻ ۾ وڏو حصو ورتو هو تنهنجو زور انوقت ٻنهي ملڪن ۾ ٽٽي رهيو هو. انوقت هي ٻئي ملڪ ئي ساري ايشيا جي پڪي مال ۽ اناج جون ضرورتون پوريون ڪندا هئا.

هاڻوڪي زماني ۾ ٻنهي ملڪن ۾ سامراجين جي اثر ڪري سندن آڳاٽا مظبوط ناتا ٽٽڻ لڳا. سامراجين ڀارت جي آفيم جي وڪري لاءِ چين کي **ايشيا جا سنتري** هڪ وڏو مارڪيٽ بڻايو. ان ڪان چين ۽ انگريزن جي وچ ۾ لڙايون لڳيون جنهن ۾ انگريزن ڀارتي فوجن کي به هنن جي مرضي خلاف ڪم آندو، جنهنتي ڀارتي جنتا هميشه اعتراض ظاهر ڪيو. ١٩٠٠ع ۾ ٻاڪسار جي بغاوت وقت موڪليل ڀارتي سپاها جو هڪ سپاهي غدر سنگهه پنهنجي جيل ڊائري ۾ لکي ٿو "...اڄ اسان جي دلين جي ٻکهرڻ جو سوال

ويڙهون جتي ڀارت-چين دوستي جو نئين سر بنياد وڌو ويو. اها دوستي نه صرف تهذيبي ۽ آرٽڪ پر فوجي کيتر ۾ به تيزيءَ گهرجي، جئن ايشيا جي آزادي، امن ۽



ڀارت - چين ميلاپ جي نشاني
"ينگم - هنگا"

انتيءَ جي حفاظت لئي سگهي ۽ جا دنيا مان سلطنت شاهي کي ختم ڪرڻ ۾ ڪارگر ٿئي.

# آزاديءَ جو اتهاس

نئون چين پڻ ڪن تواريخي دؤرن مان گذريو آهي؛ پراچين ساميواد، غلام شاهي، جاگيرداري ۽ سرمايداري. اسان وانگر اُتي به هڪ بادشاهت ڊهندي هئي ته ٻي ٺهندي هئي. جڏهن اسارت تائين چين ۾ به اوائلي سامراجي واپارين جي ويس ۾ آيا. جنکي پهرين ته جهنگلي ۽ خطرناڪ سمجهي اچڻ نه ڏنو ويو. جڏهن ١٧٩٢ ۾ انگلنڊ جي بادشاه جارج ٽئين آمريڪي ڪالونيون وڃائڻ بعد چين سان واپاري ناتا جوڙڻ لاءِ عيوضي موڪليو، تڏهن چيني بادشاه هنکي جواب ڏنو "اسانجي سرڳه روپي سلطنت کي ٻاهرين جهنگلين کان ڪنهن به شيءِ گهرائڻ جي ضرورت ناهي." پر آخر هننکي ڪٽڻن ۾ واپار جون سهوليتون ڏنائين. بس پوءِ ته چين جو خون چوسڻ لاءِ سامراجين لڙائين جي ڌم شروع ڪئي. ١٨٤٠ ۾ انگريزن، ١٨٥٧ ۾ انگريزن ۽ فرينچن، ١٨٨٤ ۾ فرينچن، ١٨٩٤ ۾ جپانين ۽ ١٩٠٠ ۾ اٺن ملڪن برطانيه، زارشاهي رشيا، فرانس، جرمني، آمريڪا جپان، اٽلي ۽ آسٽريا گڏجي چين خلاف جنگيون جوٽيون، جنهنڪري آزاد چين ڦري سامراجين جو نيم غلام ملڪ بڻجي پيو.

چيني جنتا پنهنجي ظالم بادشاهن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ٻه دفعا انقلاب ڪڙا ڪيا. ١٨٥٠ ۾ تائپينگ جو

کي آهي، جنهن ايشيا ۾ پهريون دفعو مارڪسواد تي عمل ڪري هڪ نيم بيمڪي Semi-colonial

**انقلاب جو باني**

ملڪ ۾ جاگيردارن، سامراجين ۽ سرمايدارن جي حڪومت خلاف مزورن، هارين، وچولي ۽ قومي بورزيا طبقن جو گڏيل مورچو ڪري انقلاب کي ڪامياب بڻايو.

هنجو جنم ١٨٩٣ع ۾ هونان پرانت جي هڪ ڳوٺ ۾ ٿيو. ڇهين ورهين ۾ هن ٻنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. آٺين ورهين ۾ هو اسڪول ويو، جو پوءِ پيءُ جي مرضي مطابق ڇڏڻو پيس. جيتوڻيڪ پڙهڻ مٿس ڪرڙي نظر رکندو هو ته به هو لڪي ليڪي پيو پڙهندو هو. هو وري سڪول ۾ داخل ٿيو. اُنهن ڏينهن ۾ هو به صرف بڌيمانن کي صاف سٿرو ۽ مزورن، هارين ۽ سپاهين کي گندو سمجهندو هو. هو. پر اڳتي هلي هن محسوس ڪيو ته "ساري سنسار ۾ سڀني کان اُڇا اُجرا مزور ۽ هاري آهن، جنجا ڪوئلن ۽ گوبر سان ڀريل ميرا هٿ پير سرمايدارن کان گهڻو صاف آهن."

١٩١٨ع ۾ ڊگري حاصل ڪيائين. اُن وقت هنجو سائنس گڏ پڙهندڙ ڇوڪريءَ سان پريم ٿي ويو جنهن سان پوءِ شادي ڪيائين. اُنهن ڏينهن ۾ ڪي ڳاڻ ڳڻيا چيني پنهنجي پسنديءَ موجب شادي ڪندا هئا. ١٩٣٠ع ۾ سندس استري ۽ ڀيڻ کي چيانگ ڪائي شيڪ جي حڪم کي ماريو ويو.

سپاهين مان باقي وڃي ٢٠ هزار بچيا. مائو جا ٻه ٻار پڻ گم ٿي ويا. هڪ انگريزي ليکڪ ايڊگر سنو لکي ٿو ته اڳيان انيڪ مصيبتن، خطرناڪ وسيع جهنگلن، ڪاهين، پهاڙن ۽ آدمخورن جي ايراضين کي پار ڪندي لال سينا اڳتي وڌي رهي هئي. ان وقت ڪامريڊ مائو جو هينيون شعر فوجي ترانو ڪري ڳايو ويو:

سفر لنبو ته آ مگر
اسانجي لال فوج کي هراس سان نه غرض آ.
سوين جبل، سوين نديون لتاڙيندي
اها مزي ۽ موج ۾ ته بي فڪر وڌي پيئي.
ليانگ جي پهاڙي ورو ڪڙ جو سلسلو آ چولين جي
بدبدن مثل
وُمينگم جي ته اردگرد ڦهليل آ سبز گاهه جو جهان.
هي **گولڊ سئنڊ** جون ته لهرون فلڪ بوس پربتن
سان چوٽ کائين ٿيون پيون
رگن ۾ خون ٿي ڇمائي **ٽاٽ** جي ٿڌي هوا.
جئين ئي گذرندي وڃي مصيبتن سندي خزان
تئين ئي سرخ فوج جي چمن ٿي مشڪندي بهار.



پاڻرا بعد شانسي ۾ پهچي ڪامريڊ مائو سوويت سرڪار قائم ڪرڻ جو نعرو ترڪ ڪري جپان - وروڌي لڙائي لاءِ ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽن جي گڏيل مورچي جو نعرو بلند ڪيو. ١٩٣٦ ۾ چيانگ جي ڪميونسٽ وروڌي ايتي خلاف اعتراض ونيء، هنڪي سندس سپهسالارن گرفتار ڪيو ۽ جي مائو جا همت نہ رسندس ها تہ اڄ هو زندہ نہ هجي ها. مائو ان وقت سمجهيو تہ جپان وروڌي لڙائي لاءِ چيني جنتا جي ايڪتا لاءِ ضروري آهي تہ چيانگ آزاد ڪيو وڃي. هن پوءِ جپان جو مقابلو ڪرڻ ۽ ڪميونسٽن سان گڏيل مورچو بنائڻ قبوليو. جپان هارايو ١٩٤٦ع ۾ وري چيانگ ناهہ جي پيڪڙي ڪري ڪميونسٽن جي مت هيٺ آيل علائقن تي خونخوار حملي جون تياريون ڪيون. مائو چين کي گهرو لڙائي کان بچائڻ لاءِ بيحد ڀهٽي ڪوشش ڪئي. هن ڪومنتانگ کي گڏيل سرڪار اهڻ ۽ قانون ساز مجلس ڪرنائڻ لاءِ رٿ ڏني جا چيانگ ، قبولي. هوُ هوڏ تي ٿي بيٺو. آخر چيني جنتا هن کي ڪمل شڪست ڏني ۽ آڪٽوبر ١٩٤٩ع ۾ عوامي حڪومت بو پايو وڌو.

(٣)

# حڪومت جو سرشتو

٢١-٣٠ سپٽمبر ١٩٤٩ تي چين ۾ نئين حڪومت جو بنياد وجهڻ لاءِ عوامي سياسي صلاحڪار ڪانفرنس گڏ ٿي جنهن ۾ سڀني لوڪشاهي پارٽين*، مزورن، هارين، جوانن، شاگردن، استرين، ڪلاڪارن، ساهتڪارن، سائنسدانن، اخبار نويسن جي جماعتن، واپارين، ڪارخانيدارن، ڌرمي اڳوانن، فوجي سپاهين ۽ اقليتن وغيره جي ٦٦٢ عيوضين ڀاڱو ورتو. ڪانفرنس جنتا جي ڀلائي لاءِ هڪ "عام پروگرام" ۽ نئون جوڙجڪ بحال ڪيو ۽ مرڪزي عوامي سرڪار چوندي. ڪامريڊ مائوسي تنگ انجو پرڌان چونڊيو ويو.

پروگرام مطابق چين ۾ جا نئين جمهوري (لوڪشاهي) حڪومت قائم ٿي آهي تنهنکي عوامي جمهوريت جي

---

* Communist Party, Revolutionary Committee of the Kuomiutang, The China Democratic League, The China Democratic National Construction Association, The China Association for Promoting Democracy, The Chinese Peasants & Workers Democratic Party, The China Chih Kung Tang, The Chiu San Society, Taiwan Democratic Self-Govt. League, China New Democratic youth League.



ڳوٺاڻا پنهنجي، سرڪار چونڊڻ لاءِ ووٽ ڏيئي رهيا آهن.

تي عوامي پنچائتون خود بحث ڪري نهرائن جي صورت ۾ بحال ڪنديون آهن. جنتا بنا ڊپ ڊاءَ جي سرڪاري ڪارگذارين تي نڪتچيني ڪندي آهي جا ڪنهن به وقت ڪٿي به زباني طرح يا لکيت ۾ ڪري سگهجي ٿي جنهنتي ڌيان ڏنو ويندو آهي. اسانوت جي ڪير سرڪار تي نڪتچيني ڪندو آهي، پوءِ ڀل ته اها سورهن آنا صحيح هجي ته به سرڪار جي بچاءَ ۾ وزير اعظم پنڊت نهرو خود ڪڙو ٿي پيهندو آهي.

**ايمانداري سادگي ۽ شيوا**

اُتي جنتا جي سهڪار سان سرڪاري ڀرشٽاچار کي ختم ڪيو ويو آهي. نئين سرڪار ۽ اُنجا نيتائون "ايمانداري سادگي ۽ شيوا" جي متي جي پوري پيروي ڪري رهيا آهن. اُنجي انحرافي ڪندڙ کي سڌاربو وڃي ٿو، ترت سزا به ڏني وڃي ٿي. سزا جو نمونو به دلچسپ ۽ نرالو آهي. ڪنهن ڪارخاني وغيره جي ڪم ڪندڙن جي ميڙ ۾ ڏوهي جي هلت چلت تي بحث ڪيو ويندو آهي. پوءِ ڏوهي ڏوهه قبوليندو آهي ۽ اڳتي پاڻ سڌارڻ لاءِ اقرار ڪندو آهي.

چيني سرڪار وڏن آفيسرن ۽ ننڍن ڪرمچارين جي پگهارن ۾ ٿوروئي ڪو تفاوت رکيو آهي. اُتي پگهار اناج، ڪپڙي ۽ ٻين ضروري شين جي قيمت جي آڌار تي ڏنو ويندو آهي. ٻن قسمن جا سرڪاري ڪرمچاري آهن. هڪڙا جنکي "سپلاءِ سسٽم" موجب پگهار ڏنو

يڪدم سمجهايو ويندو آهي يا نوڪريءَ کان برطرف ڪيو ويندو آهي.

پنجاب جو مايہ ناز ليکڪ **سردار گربخش سنگهہ** جو چين مان ٿي آيو آهي، لکيٿو، "چين جي نائب وزير اعظم جو گهر هڪ بازار ۾ آهي. گهر جو اڱڻ مشڪل سان ٤٠ فوٽ ويڪرو هوندو. در اڳيان ڪوبہ پهرو بيٺل ڪونہ هو. نڪي ڇت مان پنکا ٿي لٽڪيا. پنهنجي هٿ سان ٽيبل فئن کڻي اچي منهنجي ويجهو رکيائين. ڪيس ڪا موٽر بہ ڪانهي. سرڪاري ڪمن لاءِ جڏهن ڪيس ٽڏهن ٽيليفون ڪري موٽر گهرائي سگهي ٿو. سندس ڪلارڪن ۽ گهر جي نوڪرن جا ڪپڙا سندس جهڙا ئي هئا. مان دهلي ۾ هندستان جي وزيرن جي ڪوٺين تي بہ ويو آهيان انهنجي ڪوٺين سان گڏ ايتري زمين هوندي آهي جو جيڪر انهان هڪ وزير جو پگهار نڪري اچي. هندستاني وزير جي چپراسي، چوڪيدار، پهريدار، مالهي ۽ ملازمن جون پگهارون گڏي هڪ چيني وزير جو پگهار ٿي سگهي ٿو. هندستاني وزير جي بنگلي، فرنيچر ۽ بتيءَ جو ماهوار بل چين جي ٻن وزيرن جي پگهارن جيترو ٿيندو.

# رهڻي ڪرڻي جو درجو

سوين سال اڳ چين ۾ غلامن جي پورهئي مان ٻاهرين ملڪن جي حملن کان بچڻ ڪاڻ سوين ميل لنبي ۽ بلند ديوار ڪڙي ڪئي ويئي، جا اڄ به دنيا جي ستن شاهي عجيب شين مان هڪ ليکي وڃيتي. ۽ اڄ ان ساڳئي ديش ۾ نه غلامن، بلڪ آزاد انسانن جي سهڪار سان اهي مظبوط ديوارون اڏيون پيئون وڃن جي هننکي بک، بيروزگاري، بي علمي، بيماري، ٻوڏن وغيره جي قاتل حملن کان هميشه لاءِ بچائينديون.

## چيانگ جي راڄ ۾

آزادي کان اڳ ۾ خاص ڪري چيانگ ڪائي شيڪ جي راڄ ۾ عام ماڻهن لاءِ نه جنسي دوزخ هو. ڏاري سلطنت شاهي، جاگيرداري شاهي ۽ سرمايداري گڏجي ملڪ کي ڏهي ڪنگال بڻائي ڇڏيو. انوقت جي حالت جو نقش چٽيندي آمريڪي ليکڪ **جئڪ بيلڊن** لکيتو، "مارچ ١٩٤٩ع ۾ چيانگ ٨٦٠٠ پيٽيون آمريڪا موڪليون جن ۾ چين جا هيرا جواهر، ناياب دؤلت ۽ ڪتاب هئا. چاليهه لک آئونس سون سان ڀريل پيٽي فارموسا موڪلي ويئي. ٥٠ هزار آئونس سون ۽ پنج ڪروڙ آمريڪي ڊالر ڪئنٽن مان هانگ ڪانگ ۾ برٽش سيف ڊپازٽ ۾ جمع ڪرايا ويا. فليپائين ۾ به ڀاڄوگر اڳوان ڪروڙين ڊالر ڪڍي ويا." جيڪو

۾ بهتر زندگي گهارين ٿا. اگر سگهي جي ڦهلاءَ، شين جي
قيمتن ۽ ٻين واپاري ۽ آرٿڪ ڳالهين (جي هر روز ڦرنديون
رهنديون هيون) تي ڪو به ڦاڪ نه هوندو هو. پنڊت
سندرلعل پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو، "اسانکي اُتي هڪ
**سنڌي واپاري شري ويڙهومل** گڏيو. هو اسانکي
پنهنجي دڪان تي وٺي هليو جو ريشم ۽ شوق جي شين
سان مالامال ٿيو پيو هو. ڳالهين ڪندي ٻڌايائين ته ڪيس
چين ۾ رهندي اٽڪل ٥٠ سال ٿيا آهن. هن گهڻيئي
حڪومتون بدلجنديون ڏٺيون، جهڙوڪ منچو گهراڻي جو
راڄ، سن يت سين جو راڄ، چيانگ جو راڄ ۽ هينئر
مائوسي تنگ جو راڄ. هو نئين سرڪار جي جنتا لاءِ ڪيل
خدمتن جي ساراهه مان ڍاپيو ئي نٿي. چيائين ته واپار ۾
هر ڪنهن چيز جو اگهه مقرر ٿيل آهي. ڪابه رد بدل
ڪرڻي ناهي. سڀڪنهن شيءِ تي ننڍڙي پني ٽڪر تي قيمت
لکي چنبڙائڻي آهي. اڄ ڪله هر هڪ چيني ڪنهن نه
ڪنهن ٽريڊ يونين يا واپاري سنستا جو ميمبر آهي. اهي
واپاري جماعتون ئي شين جا اگهه مقرر ڪنديون آهن.
هن وڌيڪ ٻڌايو ته اناج، کير، مکڻ ۽ ڀاڄيون ته تمام
سستيون آهن. باقي ٻيون شيون هندستان کان ٿورو وڌيڪ
سستيون آهن يا ساڳئي اگهه جون آهن."

اڄ ٤٢ ڪروڙ هارين کي زمين جو مالڪ بڻايو ويو
آهي. هر هڪ کي زمين سان گڏ اناج، هڪ ڳانءِ، سوئر،
هڪ ٻه ڪڪڙ، گاڏي، گهوڙا ۽ ٻيا اوزار پڻ مفت مليا

آهن. سرڪار کي ١١ سيڪڙو ٻيل ڏيڻي پوندي اٿن.
اڳ ۾ نه صرف زميندارن کي ١٠٠، ١٠٠ سيڪڙو ٻيل ڏيندا
هئا، پر هنجو قرض چڪائڻ لاءِ پيڻ،
ماڻهن زال يا ڌيءَ کي وڪڻڻو پوندو
هو. اناج جي پوکه وڌڻ ڪري اگهه

**خريدي طاقت ۾ واڌ**

گهٽيا آهن. چانورن جو سير ٣ آني. جنهنڪري هنجي
خريدي طاقت وڌي آهي. ڳوٺن ۽ شهرن ۾ واپار وڌڻ
ڪري هارين کي دستڪاري جي ڪم مان به اُپت وڌي
رهي آهي. صرف اُتر اوڀر چين ۾ هنجي خريدي شڪتي
١٩٥٠ ۾ ١٩٤٩ جي ڀيٽ ۾ ٧٠ سيڪڙو ۽ ١٩٥١ ۾ ١٩٥٠
جي ڀيٽ ۾ ٥٣½ سيڪڙو ۽ ١٩٥٢ ۾ ساري جنتا جي ٢٥
سيڪڙو وڌي. خريدي شڪتي ۽ اُپت وڌڻ ڪري هنجي
زندگي جو معيار وڌي رهيو آهي.

مزورن جي حقيقي مزوري آزاديءَ جي ٽن سالن ۾
تمام گهڻو وڌي آهي. سراسري ١٩٥٢ ۾ ١٩٤٩ جي ڀيٽ
۾ اها ٦٠ کان ١٢٠ سيڪڙو تائين وڌي. اسانجي ڀارت
۾ ڪانگريسي راڄ ۾ رهڻي ڪرڻي جي خرچ جو پيمانو ١٢٧
سيڪڙو وڌي ويو آهي. مشهور ساهتڪار ۽ هدايتڪار
خواجه احمد عباس لکيو، **"اُتي سراسري گهٽ ۾
گهٽ ١٠٠ رپيا مزوري ملندي آهي جا شين
جي اگهن مطابق مقرر ٿيندي آهي.** انڪري جڏن
اگهه وڌن ٿا ته پاڻمرادو مزوري به وڌي ٿي. پر اسانجي

# اناج جو مسئلو

نئين چين سرڪار ماڪ جون واڳون سنڀاليندي ڀرين ڪاڌي جي مسئلي کي هٿ ۾ کنيو ۽ ٽن سالن جي ٿوري عرصي ۾ اُن جنهن قدر ڪاميابي سان اُن کي حل ڪيو آهي، تنهن ساري ايشيا اڳيان هڪ لاثاني مثال پيش ڪيو آهي. خاص ڪري اسان هندستانين ڪي نئين چين، حقيقي آزاد جمهوري حڪومت ۽ ”ڳانڌو رام راڄ“ ۾ صاف تفاوت ڏيکاريو آهي.

**لاثاني مثال**

هتي ڪانگريسي سرڪار کي راڄ ڪندي اٽڪل ۵ سال ٿيا آهن ليڪن ايتري وقت ۾ اناج جو مکيه مسئلو حل ٿيڻ بدران وڌيڪ پيچيدو ۽ ٻڏندو ٿو وڃي. هڪ طرف راشن گهٽايو ويو آهي ته ٻئي طرف اناج جا اگهه وڌايا ويا آهن. ملڪ جي جدا جدا حصن ۾ ڏڪار ۽ فاقه ڪشي جو ننگو ناچ چالو آهي. سرڪاري انگن مطابق ۲¾ ڪروڙ کن ماڻهو اسانوت ڏڪار جي حالتن مان لنگهي رهيا آهن. اسان ۱۹۵۰ ۾ ۳۰¾ لک ٽن، ۱۹۵۱ ۾ ۴۰½ لک ٽن ۽ ۱۹۵۲ ۾ اٽڪل ۵۰ لک ٽن اناج ٻاهران گهرايو. اُنجي ڀيٽ ۾ اسانجي پاڙيسري ملڪ چين جنهنکي ڪي سال اڳ ”ڏڪار جو ديس“ سڏيو ويندو هو ۽ جتي هر سال ۲۰ لکن کان وڌيڪ ٽن اناج ٻاهران گهرايو ويندو هو، پر هو پاڻهي ڌڻس ٻڌي پيو آهي. اُتي اڄ نه ڏڪار جو ڀؤ آهي ۽ نه

٥٢ ڪروڙ ٥ لک ڪعب مٽي ۽ پٿر جو ڪم، ٣٥ لک
٣٨ هزار فوٽ سيمينٽ جو ڪم، مٿو ميل لنبو ٥٤ ڪمانن
وارو بند، ٣٢ ڪمانن وارو ۽ ١١ سو فوٽ لنبو ريگيوليٽر،
٨٠ ميل ڊگهي لنڊي ريل ۽ ٥٥ ميل ڊگهي سڙڪ، اڳوات
٧٤ ڏينهن ۾ ئي ٺاهي پوري ڪئي. هھڙا انيڪ ڪم
آزاد چيني ڪلندي ڪڍندي، اچندي ڳائيندي پورا ڪيا
آهن. انهن هنڌ هر ٻن سؤ وانن جي مفاصلي تي ڪلب،
لئبرري ناٽڪ گهر، ناچ ٽولي وغيره هوندي آهي ۽ نرسن
جي ٽولي ملم پٽيءَ لاءِ تيار رهندي آهي.

ٽي سال اڳ چين ۾ "سوڪ" پيالڪ چيز سمجهي
ويندي هئي، جنهنجي معنيٰ هئي ڏڪر، قرض ۽ موت،

**سوڪ جو مقابلو**

جنجا لکين انسان هر سال شڪار
ٿيندا هئا. سوڪ لاءِ گهڻي ڀاڱي
جهوني لڪمي سرشتي جا حڪمران جوابدار هئا جي ٽڪرين
۽ ڳوٺن جي ساوڪ چٽ ڪري ڇڏيندا هئا ۽ پاڻيءَ جي
چشمن، کوهن، ندين، واهن وغيره جي مرمت نه ڪرائيندا
هئا. انڪري آڳر چين ۾ ته ١٠ مان ٩ سال ته سوڪ
پوندي هئي. ليڪن ٽن سالن ۾ عوامي حڪومت سوڪ جو
خاتمو آڻڻ لاءِ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. ساري
چين ۾ "وڻ پوکيو" جو تحرڪ شروع ٿي ويو. سرڪار
طرفان پڻ پئسفڪ سمنڊ جي طوفاني هوائن (جن جي ڪري
سوڪ پوندي آهي) کي روڪڻ لاءِ ٻيلن جي پٽي جي وسف

ناهي ويٺي آهي. اهو پٽو ٦٨٠ ميل ڊگهو ۽ ١٩٠ ميل ويڪرو
ٿيندو جنهنڪري ١٢½ لک ايڪڙ وڌيڪ زمين تي آبادي
ٿي سگهندي.

مٿين رٿ کان سواءِ هيلتائين ٽن سالن ۾ اٽڪل ٣٤ لک
ايڪڙ زمين تي وڻ پوکيا ويا آهن جي چيانگ جي راڄ
جي ٢٠ سالن ۾ پوکيل وڻن کان ستر هوڻا آهن. ڪل ٣½
ڪروڙ ايڪڙ زمين سوڪ جي مصيبت کان آجي ڪئي
ويئي آهي. پر اسانجي ڀارت ۾ ڪروڙين رپين خرچڻ بعد
"وڻ پوکيو" تحرڪ مان ڪوبه ڪڙتيل نه نڪتو.

اڳيم چين ۾ ڀارت وانگر ماڪڙ جي آزار ڪري فصلن
جا فصل چٽ ٿي ويندا هئا. اُتي ان خلاف پڻ وڏو
تحرڪ شروع ڪيو ويو ۽ ٽن سالن ۾ ماڪڙ جي مقابلي
ڪرڻ لاءِ ١٢ ڪروڙ ماڻهن ڀاڱو ورتو ۽ ١½ ڪروڙ ٽن
اناج نقصان ٿيڻ کان بچايو.

مطلب ته نئين چين جي عوامي سرڪار ملڪ مان بک کي
سدائين لاءِ ٽالانجي ڏيڻ لاءِ محڪم ارادي سان سڀني
ذريعن کي استعمال ڪيو ۽ اڄ ڪاميابي انجا قدم چمي
رهي آهي. جتي چيانگ جي راڄ ۾ ماڻهو بک مرڻ لاءِ
وڻن جا چوڏا کائيندا هئا اُتي اڄ مائوسي تنگ جي راڄ ۾
اهي کير جا ڪٽورا پي رهيا آهن.

جن ڪالهه وڙ ڏاڏا ، سيءِ اڄ ڪير پيٽن





# هنري ترقي

اڄ ڪالهه جو هر ڪم آڻيندڙ زرعي ملڪ مان ٽرئڪٽر ٽرڪون، ٽرينون وغيره ٺاهيندڙ هنري ديس جنم ورتو آهي. هاڻي انهن چين ۾ سُئي سُئي ڪان وٺي اجگر جيڏين مشينن تائين اڪثر هرڪا هنري شيءِ ٺاهي وٺي ٿي، جنهن لاءِ ڀارت وانگر ڪروڙين آمريڪي ڊالر قرض نٿو ورتو وڃي؛ انهو سامراجين طرفان ڪيل ناڪابندي جي منصوبن کي مٽي ۾ ملايو ويو آهي.

ڪو وقت هو جڏهن چين ۾ ڪارخانا انگريزي- آمريڪي سلطنت شاهي جي مفاد لاءِ ئي مال تيار ڪندا هئا جيئن اڄ اسانجي ٦٠ سيڪڙو ڪان مٿي ڪارخانن ۾ سامراجين جي سرمايه سيڙايل آهي، جنهن مان هر سال هنن کي ١٠٠ ڪروڙ رپيا نفعو ٿيندو آهي جو هندستان کان ٻاهر ويندو آهي، ليڪن چين ۾ به صنعت (انڊسٽري) تي سامراجين جو قبضو هوندو هو، جنهڪي جنتا جي گهرجن جو ذرو به اولو نه هو. انڪري جڏهن ئي عوامي سرڪار هستي ۾ آئي ليڪن تي ڀيرين روزاني زندگيءَ جي ضروري شين جي پيداوار وڌائڻ تي زور ڏنو ويو ۽ جنهن شيءِ ٺاهڻ جي هنن کي فرصت ناهي، انکي روزاني زندگيءَ مان ئي ڪڍي ڇڏيو اٿن. جنهنڪري عيش عشرت جي شين جي لقاها کهتجي ويئي آهي ۽ انهن کي تيار ڪندڙ

لاءِ مال تيار ڪري رهيا آهن، اِڪري هننکي ٻارنهن مزورن وانگر اسٽرائيڪ ڪرڻ جي ضرورت نه ٿي ٿئي، اُلٽو هو ٻيڻي اُتساهه سان ڪم ڪن ٿا. اختياري وارا به هنن جي اُتساهه کي وڌائڻ لاءِ هننکي وڌيڪ پگهار، بونس، انعام، ٻلا وغيره ڏين ٿا. اِن سلسلي ۾ اُتي "شرط پچائڻ" (Emulation Drive) جو خاص طريقو اختيار ڪيو ويو آهي، جنهن موجب جيڪو به مزور يا ڪاريگر وڌيڪ



قابليت سان خاص پيداوار وڌائي ٿو يا پنهنجي ڪم ۾ ڪا نئين کوجنا ڪري ٿو ته ساري ديس ۾ اُنجي عزت افزائي ڪئي وڃي ٿي ۽ اُنکي "آدرشي مزور" "بهادر مزور" وغيره جو خطاب ڏنو وڃي ٿو. هن تحرڪ ۾ ١٩٥٢ جي پهرين ٦ مهنن ۾ئي ٨٠ سيڪڙو مزورن ڀاڱو ورتو. ١٩٥١ ۾ ٨٦٥٠٠ کان وڌيڪ مزورن "آدرشي مزور" جو خطاب حاصل ڪيو. اُتي ٿوري محنت سان وڌيڪ ۽ بهتر مال تيار ڪرڻ جون اٽڪل ٤ لک رٿون ڏنيون ويون جنمان سرڪار اٽڪل ٢½ لک قبول ڪيون.

لکين چين جا دشمن اهو ڀانئان ڀيندا آهن ته اُنجي

اسان هنکي کليل شيڊ پنيان سان ڪمدو ڏٺو. هو هرروز چيني ڪم ڪندڙن سان گڏ ڪوڏر کڻي بيٺن ۾ ويندو هو، جتي ڪڏ ڪوئي ضروري هاڄ لاهي اُنکي مٿيءَ سان بند ڪري ڇڏيندو هو."

**سردار پاڻيڪو** پڻ روسي ماهرن جي اهڙي لهنائي ۽ فراخدليءَ جي تصديق ڪئي آهي. جڏهن روسي ماهرن جي ڀارت ۾ آيل آمريڪي ماهرن سان ڀيٽ ٿي ڪجي، تڏهن محسوس ٿو ڪجي ته روسي سچ پچ دوست آهن ۽ آمريڪي رئيس زادا ۽ حاڪم آهن. اسانجي سرڪار آمريڪي ماهرن کي ١٠، ١٢ هزار ماهوار پگهار، لوازما، سفر خرچ وغيره ڏنا آهن، تڏهن به هو اسانجي هٿ هيٺ ناهن. هنن تي اسانجي ڪورٽن ۾ مقدما نٿا هلي سگهن. هنن سان اسانجا قاعدا لاڳو ناهن.

---

لوڪشاهي چين ۾ ٿيل حيرت انگيز ترقي ۽ انقلابي تبديليون جاڻڻ ۽ سمجهڻ لاءِ

**اڄ ئي گهرائي پڙهو**

# "नया चीन" - "نيا چين"

(هندي با تصوير ماهوار اخبار)

قيمت ٥ آنا، ساليانو چندو ساڍا ٣ رپيا

**ايڊريس:- نيا چين آفيس، ڊي - ٢/١/٤٧**

**راما پورا، بنارس.**

# ريلوي جي اڏاوت

نئين چين جي اڏڻ ۾ ريلن هڪ نهايت اهم پارٽ ادا ڪيو آهي. ڀلا يورپ جيتري ايراضي جيڏو اتساهه ملڪ تيستائين ڪهڙي ترقي ڪري سگهندو، جيستائين ان جو هڪ ڇيڙو ٻئي ڇيڙي سان ريل رستي نه ڳنڍيل آهي. انڪري ئي جنهن وقت جپانگ جو لشڪر ڀاڄ کائيندي ريل رستا، انجڻيون وغيره برباد ڪندو ٿي ويو، انوقت ڪامريڊ مائوسي تنگ اهو نعرو بلند ڪيو "جتي جتي عوامي آزاد لشڪر (لال فوج) وڃي اتي ريل رستو ٺهڻ کپي."

گهرو لڙائيءَ ڪري ريلوي کي ايڏي زبردست هاڃي رسي هئي جو جپانگ جي آمريڪي صلاحڪارن ڪٿ ڪئي ته انکي پورو ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال لڳندا ۽ ٻي ڪروڙ آمريڪي ڊالر خرچ ٿيندا. هن نقصان جا جيڪي اڻ پورا انگ اکر موجود آهن تنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته صرف اتر اوڀر چين ۾ ئي ۸۰ سيڪڙو انجڻيون، ۴۰ سيڪڙو پسنجر ڪوچ، ۲۵ سيڪڙو مال گاڏا، ۽ ۴۰ سيڪڙو ريل سليپرس ڇٽ ٿي ويا هئا. ۽ نئين چيني سرڪار هڪ سال کان گهٽ عرصي اندر نه صرف هيڏي ساري نقصان جو پورائو ڪيو پر ڪيترائي نوان ريل رستا، انجڻيون وغيره ٺاهيون، جن لاءِ آمريڪا کان هڪ ڊالر به قرض نه ورتو. ٽن سالن ۾ ڏهه هزار

# سماجي انقلاب

لوٽ کسوٽ جي نظام جا حامي چوندا آهن ته عصمت فروشي، فقيري، ننگي، چوري، رشوتخوري وغيره سماجي برايون جو پيشو اختيار ڪرڻ، ڪن شخص جي عادت ٿيندي آهي. ليڪن سوويٽ يونين، اوڀر يورپ جي ملڪن ۽ آپٿي چين ان ڳوٺي جو پالڊو ثبوت آهي.

چين ۾ عوامي حڪومت قائم ٿيڻ کان اڳ، اهڙي ڪا به سماجي خرابي يا گناهه نه هو جو اُتي موجود نه هو.

**ويشياپڻو ختم**

عصمت فروشي سڄي چيني زندگيءَ کي بگاڙي ڇڏيو. ساري ملڪ ۾ ويشائون پيئون ڦرنديون هيون. پنڊت سندرلعل لکيٿو، "اسانکي هانگ ڪانگ ۾ هڪ **سنڌي واپاري شري گوپالداس** گڏيو، جنهن هڪ عجيب رواج ٻڌايو، ته اڳي شهانگائيءَ ۾ هر ڪنهن وڏي واپاريءَ کي پوءِ چاهي اُهو يورپي، آمريڪي يا هندستاني هجي، ڪي شهر جي خراب ڀاڙي ۾ پنهنجي خاص زال ضرور هوندي هئي، جا سندس دوستن وغيره کي وندرائيندي هئي. جڏهن هڪ واپاريءَ کي ٻئي سان ڪو خاص واپار ڪرڻو هوندو هو ته هو پنهنجي اُن زال کي اُن واپاريءَ کي ماڻي ڪرڻ لاءِ چوندو، جتي ٻئي گڏجي ٻين ڳالهين سان گڏ واپار جي ڳالهه به ڪندا هئا. هي تمام جهونو رواج آزادي بعد، ويشياپڻي کي ختم ڪرڻ بعد غائب ٿي ويو."

# سزا جو سرشتو

تڏهن چين جي انصاف جي باري ۾ اهو غلط پرچار ڪيو ويندو آهي ته اُتي ڏوهارين کي ماڻهن جي مجموعي ۾ بيهاري موت جي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويندو آهي. حقيقت ۾ اُتي جيترو گنهگارن جي سڌاري تي زور ڏنو ويندو آهي اوترو سزا تي نه ڏنو ويندو آهي. انڪري جيڪي تڏهن سرڪار خلاف لڙيا هئا تنکي وفاداريءَ اقرار ڪرڻ تي معاف ڪيو ويو آهي.

### سولو ۽ سستو انصاف

اُتي انصاف کي سولو، سستو ۽ تڪڙو ڪرڻ لاءِ عدالتن ۾ انقلابي تبديليون ڪيون ويئون آهن. يوناني ۽ رومن قانونن جو نقل ڪرڻ بدران پنهنجا قانون ٺاهيا ويا آهن- زنده قانون جي زنده انسانن جي ترقيءَ سان گڏ ترقي ڪندا آهن. اڳي اُتي لڪيل قانونن جا وڏا ڪتاب هوندا هئا، ليڪن اڄ اُنهن جي بدلي (۱) عام جو پروگرام (۲) زمين جي سڌارن جو قانون (۳) ٽريڊ يونين قانون (۴) شاديءَ جو قانون ۽ ٻيا عوامي سرڪار طرفان ٺاهيل ٿورا سڌا قانون آهن، جي سولا ۽ سڌا آهن.

هرهڪ ديواني چاهي فوجداري ڪيس ڪلي ڪورٽ ۾ هلايو ويندو آهي، جنهن ڪري ڪورٽ ۾ رعب يا دٻدٻي جو ماحول نه هوندو آهي، پر گهرو وايومنڊل هوندو آهي.

عام جنتا کي اُتي حاضر رهڻ جو هر ڪو حق آهي. ڪي به ماڻهو هلندڙ ڪيس جي باري ۾ ڪورٽ جي موڪل سان ڪا به ثابتي يا راءِ پيش ڪري سگهن ٿا ۽ جي ڪورٽ جي راءِ اُنهن جي خلاف هوندي آهي ته اها پنهنجو طرف عام ماڻهن کي سمجهائيندي آهي. سرڪار جتي ڪٿي خاص آفيسون کوليون آهن جن معرفت عام جنتا ۾ قانوني ڳالهين جي ٻوجهه وڌي وڃيٿي.

ڊاڪٽر ڪمارپا لکيٿو، "چين ۾ اسين هڪ عوامي عدالت ۾ وياسين جتي مقدمي جو ٽڪڙو اُڪلاءُ ڪيو پئي ويو. اُتي هڪ جج، اسسٽنٽ جج ۽ جوُري (هڪ زال ۽ مرد) ويٺا هئا. اُنوقت جيڪو ڪيس هلي رهيو هو، سو هڪ شادي شده پيڙيل عورت جو هو جنهن آپگهات ڪيو هو. اُن ۾ سس کي ١٥ سال، ڏير کي ١٠ سال ۽ ۽ سهري کي ٢ سال سزا ملي، پر هو پئرول تي آزاد رهيو. عام جنتا جي ڪن عيوضين چيو ته فتوي ۽ سزا ٺيڪ آهي پر هڪ استريءَ اُتي چيو ته سزا نرم آهي ۽ سس کي موت جي سزا ملڻ کپي. اهڙي آهي اجوڪي چيني لوڪشاهي."

لئين چين ۾ ڪير به پنهنجي ذميواري تي ڪنهن به وڏي ۾ وڏي آفيسر خلاف شڪايت، چيف جسٽس وٽ موڪلي سگهي ٿو ۽ اُنجي شڪايت جو اُنکي خاطر خواه جواب ڏنو وڃيٿو. ڪنهن به شڪايت لاءِ ڪورٽ فِي نه ڏيڻي پوندي آهي. درخواست ڪنهن به ڪاغذ تي پنهنجي

ڪارخانا آهن جنمان خرچ لٿي کانپوءِ جيڪا بچت ٿيندي آهي سان پاڻ ۾ ورهائيندا آهن.

هرڪو قيدي ٨ ڪلاڪ ڪم ڪندو آهي. ڪم کانپوءِ هنکي جيل جي باغيچي، لئبرري، ٿئيٽر وغيره ۾ گهمڻ جي آزادي آهي. زالن مردن جي گڏ گهمڻ تي ڪو به اعتراض ناهي. جيڪڏهن ڪو به قيدي ڪجهه وقت مائٽن وٽ وڃڻ چاهي ته اُنکي موڪل ڏني ويندي آهي. مائٽ به هڪ به رات هنن وٽ رهي سگهندا آهن. هڪ ٻئي ۾ جي تڪرار ٿئين ته ميٽنگ ڪوٺائي پاڻ فيصلا ڪندا آهن. مطلب ته قيدي جيلن جا خود مالڪ آهن، جنکي جيل جي ڪاروبار ۾ خودمختيار حڪومت آهي. قيدين سان اهڙي فرشته سيرت ورتاءُ چيني حڪومت جي دشمن کي به دوست بڻائي ڇڏيو آهي.

## چين جو قومي ترانو

اُٿو توهانکي جي غلام ٿيڻ کان انڪار آ،
اسانجي خون ماس مان نئين ديوار تيار آ.
هي چيني قوم لاءِ اڄ وڏو ڪٺن نه وقت آ،
هر آدميءَ جي ڪنڌ مان هي تي صدا بلند آ.
"اُٿو، جاڳو ...... اُٿو ......"
ڪروڙ باشندن جا جذبا، شعلا جئن ڀڙڪي اُٿن،
۽ دشمن جي آڳه جو مقابلو ڪندا هلن.
اُٿو اُٿو، قدم قدم وڌائيندا هليا هلو،
اُٿو، هلو، وڌو.......

# استرين جي آزادي

صدين لاءِ چيني استرين کي سيکاريو ويو هو تہ هنن جو پيارو ڪتنب جي شيوا ۽ سيوا ۾ ئي سمايل آهي. پهرين پيءُ، پوءِ پتي ۽ پوءِ پٽ جي فرمانن جي بجاآوري ڪرڻ ئي هنن لاءِ سڀ ڪجهہ هو.

**غلام زندگي**

جمڻ کان مرڻ تائين هنن کي غلام سمجهي مورين گهرن وانگر رکيو ويندو هو. ننڍي هوندي کان ئي هنن جا پير ٻڌا ويندا هئا، ايتري قدر جو ڪيترن جون پيرن جون هڏيون بہ ڀڄي پونديون هيون. ۽ اهڙين کي وڏي پسند ڪيو ويندو هو. جنهن جا پير ٻڌل نہ هجن تن کي مڙس نہ ملن. ننڍي هوندي شادي ڪرائڻ جو رواج تمام عام جام هو. ڪيتريون شادي ڪرڻ کان اڳ ۾ وڌواڻون ٿي پونديون هيون. استرين کي عيش پرستيءَ جو رانديڪو يا ٻارن ڄڻڻ جي مشين سمجهي خريد ڪيو ويندو هو ۽ ڪم لٿي کان پوءِ ڪڍي ڇڏيو ويندو هو، جن جو داد نہ فرياد هو. پنهنجن مڙسن، سسن ۽ سهرن جي مار سهڻ هنن لاءِ روزاني ڪرت هئي. چون چران ڪرڻ جو حق نہ هو. صرف سس ٿيڻ لاءِ ئي ڪون ڏينهن ڳڻينديون هيون. مڙس جي ڪمائي مالڪن حوالي هئي ۽ ڪنهن ملڪيت جو ڪو بہ حق نہ هو.



ٽرئڪٽر هلائيندڙ استري

# اقليتن جو مسئلو

**سياسي ۽ آرٿڪ آزادي**

چين ۾ ٦٠ کان به وڌيڪ جاتيون (Nationailties) رهن ٿيون. اُنهن انڪل ٩٠ سيڪڙو آدم هن (Han) قوم جو آهي، باقي تورانيءَ وارين جاتين (اقليتن) جو آدم انڪل ٥ ڪروڙ آهي.

آزاديءَ کان اڳ جدا جدا جاتين جا ناتا حسد ۽ بغض سان ڀريل هوندا هئا، ڇو ته اُنهن مان ڪي فاتح ته ڪي غلام هيون. ليڪن اڄ "عام پروگرام" موجب "سڀني جاتين کي برابريءَ جا حق آهن. هر ڪنهن اقليت کي پنهنجي ٻولي وڌائڻ ۽ ريتين رسمن ۽ روايتن کي قائم رکڻ يا سڌارڻ جو پورو حق آهي. جتي به هنن جي گهڻائي آهي اُتي پنهنجو مڪاني خودمختيار راڄ اٿن." ١٣٠ لکيون قومي خودمختيار حڪومتون ڪتريون ٿيل آهن. هر ڪا اقليت پنهنجا سرڪاري عملدار پاڻ مان چونڊيندي آهي. لکپڙه به پنهنجي ٻوليءَ ۾ هلائيندي آهي.

راڄنيتي زندگيءَ سان گڏ اقليتن جي آرٿڪ زندگي ۾ زبردست سڌارو ٿيو آهي. پٺتي پيل هئڻ ڪري اڳي اهي نه صرف پنهنجي زندگيءَ جون ضرورتون پيدا نه ڪري سگهنديون هيون، پر جيڪا به پوک ڪنديون هيون يا پورهيو ڪنديون هيون، تنهن جو پورو اجورو ڪونه ملندو هون. اڳ چڊگاهي جي ڌنار کي جهنري ماهر جي

بدلي ڪپڙو ملندو هو، تنهنڪان اڄ اهو ١٥ حصا وڌيڪ تو ملي. اڄ سرڪار نقصان سهي به هنن کي زندگيءَ جون ضرورتون گهٽ اگهن تي ميسر ڪري ڏيئي رهي آهي.

**ٻولين جي ترقي**

اقليتن جي جهاليت دور ڪرڻ لاءِ، سرڪار اُنهن کي ”چيني ڀاشا“ ۾ نه، پر اُنهن جي پنهنجي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. جن کي پنهنجي لپي نه هئي يا پورا لفظ نه هئا يا سڌاري جي ضرورت هئي، اُنهن لاءِ مرڪزي سرڪار هڪ ڪوجنا ڪاميٽي کڙي ڪئي آهي. اڄ ”لي ۽ ارد چونز“ جاليون، جن کي پنهنجي لپي نه هئي، تن کي چيني لپي بدران پنهنجي نئين نموني جي لپي ڏني ويئي آهي. هتي سرڪار اسان سنڌين کي ڪو زمين جو ٽڪر ڏيئي پنهنجي ٻولي، تهذيب وغيره جي ترقيءَ لاءِ وجهه ميسر ڪرڻ بدران اسانجي لپيءَ ۽ ٻوليءَ پٺيان ڪاٺ ڪهاڙا کڻي ڪاهي پيئي آهي. چين ۾ اقليتن کي جنهن به وشيه جا ڪتاب کپن سي سندن ٻوليءَ ۾ ئي ميسر ڪري ڏنا وڃن ٿا. اندروني منگوليا ۾ جتي اڳ ۾ هڪ به پڙهيل نه هو، اُتي اڄ ٢٨٧٤ سڪول آهن جن ۾ ٤٤ لک ٻار پڙهندا آهن. ننگشا پرانت جي مسلم اقليت جي پرائيمري سڪولن جو انداز ٻيڻو ٿي ويو آهي ۽ شاگردن جو انداز ستوڻو ٿيو آهي. پيڪنگ ۾ مسلم شاگردن جو تعداد اڳي کان ٻيڻو ٿيو آهي. اڄ شاگرد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ چاهه ۽ اُتساهه ڏيکارين ٿا ڇاڪاڻ ته هو جنهن ٻوليءَ ۾ سکيا وٺڻ چاهين

طرح ڇيو ته اُتي جاچ ڪري ڏسبو ته چيني مسلمانن کي
مذهب جي ڪلي آزادي آهي يا نه. مان اُتي پاڪستاني
ايلچي خاني جي ڀرسان چٽن سان گڏجي

**مذهبي آزادي**

مسلمانن جي حالت جي جاچ ڪرڻ
نڪتس. اسين هڪ واچن، ڪئميرا وغيره جي دڪان تي
وياسين جتي هڪ پيرسن ۽ نوجوان ويٺو هو. هنن "سلام
عليڪم" سان اسانکي ڪيڪاريو. شروعاتي واقفيت بعد
پيرسن عبادت لاءِ ويو. مون نوجوان کان پڇيو، "ٻڌو اٿم
ته توهين حڪومت ۾ چيني مسلمان بدتر زندگي گهاري
رهيا آهن. اسانجي ملڪ ۾ ته اها ڳالهه مشهور آهي ته
چيني ڪميونسٽن زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾ مسلمانن جو
بهشڪار ڪيو آهي. اهو ڪيتري قدر سچ آهي؟"

هن وراڻيو، "چيني مسلمانن بابت جيڪا توکي خبر
آهي سا غلط آهي. حقيقت ۾ چيني تواريخ ۾ پهريون
دفعو اسين مسلمان، صدين جي غلامي، نفرت ۽ سماجي
بهشڪار کان آزاد ٿيا آهيون. ڪومنتانگ جي ڏينهن ۾
اسين سوئرن وانگر ڌڪاريا ويندا هئاسين، ليڪن اڄ
اسين غير مسلم چينين جهڙا نگرواسي آهيون. اسان کي
بندگيءَ جي آزادي آهي."

مسٽر جليس وڌيڪ لکيتو، "مونکي مڪدين جي
"چنگشو مسجد" جي امام- حضرت چمو ته تهن سرڪار
سيني مسجدن ۽ مذهبي مڪتبن کي ڍل کان آجو
ڪيو آهي."

# صحت ۽ صفائي

جهوني چين جي حالت صحت جي لحاظ کان ڀارت کان بهتر نه هئي. سرڪاري انگن مطابق اسانوت هر سال مليريا وگهي ۱۰ لک ۽ سلهه وگهي ۷ لک مرندا آهن. اُن ڪانسواءِ لکين اُنهن ۽ ٻين بيمارين ۾ مبتلا رهندا آهن. هزار ٻارن پٺيان ۲۴۵ ٻار مرندا آهن. ۽ هتي دوا درمل جو ڪهڙو انتظام آهي؟ ۲۴۰۰۰ شهرين ۽ ۵۰۰۰۰ ڳوٺاڻن لاءِ هڪ هڪ اسپتال آهي، ۶¼ هزارن لاءِ هڪ ڊاڪٽر، ۴۳ هزارن لاءِ هڪ نرس ۽ ۶۰ هزار گرڀوتين زالن لاءِ هڪ دائي آهي. جهوني چين ۾ پڻ هر سال سلهه، وڏي ماتا، پليگ، ڪالرا، مدي جي تپ ۽ سوري جهڙن مرضن جو شڪار ٿيل لکين انسانن لاءِ نالي ماتر ڊاڪٽري بندوبست هو. اُتي جي سنڪيانگ پرانت، جو فرانس کان ٻه ڀيڻو آهي، لاءِ ڪل ۱۵ ڊاڪٽر هئا. صفائيءَ جي لحاظ کان ڏسبو ته اصل ڳالهه ڪرڻ جي نه آهي. آزاد ٿيڻ وقت ٽنگشان شهر ۾ ۲۰ سالن جو ڪچرو ڪٺو ڪيو ويو هو. ٻين شهرن جي حالت اُن کان نياري نه هئي.

نئين چيني حڪومت هڪ ئي مهيني اندر هن مسئلي تي قبضو ڪيو ۽ تپ ۽ بيمارين خلاف زبردست جد وجهد شروع ڪئي. صحت جي انتظام کي وري نئين سر سڌاريو ويو. اڄ اُتي هر ڪنهن ٻارڳڻي، ضلع ۽ شهر ۾ صحت جا

"پيپلس پبلڪ سومنگ باٿ" ڏسڻ وڃي رهيا هئاسين ته اسان مان هڪڙو پنهنجي رهڻ ويڙهه بوڻن طرف وڃڻ لڳو.

## صفائي

هڪ چيني گائيڊ مولڪان پڇيو ته هو ڇو پنهنجي رهڻ ويو آهي. مون ڪيل گفتي ۾ چيو ته ٽائليٽ جي تلاش ۾ هوندو! گائيڊ يڪدم هنکي ٽائليٽ روم ۾ وٺي وڃڻ لاءِ ڊوڙيو، پر اسانجي دوست چيس، "تڪليف نه وٺو، مان هن بوٽي پنهنجي کي ڪم لاهي ڇڏيندس." گائيڊ وراڻيس، "مهرباني ڪري ائين نه ڪجو. ڇاڪاڻ جو اسين اهڙين ڳالهين جي اجازت نه ڏيندا آهيون."

اڄ اتي رستا، گهٽيون، پارڪ وغيره صاف ڏسڻ ۾ ايندا. دڪان، مارڪيٽن وغيره ۾ مشڪل ڪا مک ڏسڻ ۾ ايندي. پوليس وارن، حجامن، گهوڙيسن وغيره جي نڪن تي ڊاڪٽرن وانگر پٽيون بڌل هونديون آهن. گهٽين جي صفائيءَ لاءِ جدا جدا گهرن جون ڪاميٽيون ٺهيل آهن. ڏينهن ۾ ٻه دفعا ڪچرو ڪڍڻ لاءِ گاڏي اچي هرهڪ گهٽيءَ وٽ بيهي گهنٽي وڄائيندي آهي ۽ پوءِ انهي ڪاميٽي جو هڪ ماڻهو ڪچري جو ڏول کڻي وڃي وجهندو آهي. ساري چين ۾ هاڻي نلڪن رستي پاڻي ملندو آهي، جنهنڪري صفائي جي لحرڪ کي وڏي هٿي ملي آهي.

# تعليمي ترقي

اڳي چين ۾ هندستان وانگر تعليم صرف چند شخصن جي ملڪيت هئي، جنهنجو ملڪ جي ضرورتن سان ڪو به تعلق نه هو. انجو اهو مقصد هو ته اهي شاگرد پيدا ڪجن جي سامراجين ۽ سرمايدارن جا وفادار پٺو بڻجي، ڪين زورن، هارين ۽ ٻين غريب جنتا کي غلام رکڻ ۾ مدد ڪن.

ليڪن اڄ اتي ان تعليمي نظام کي بنيادي طرح بدلايو ويو آهي. هاڻي تعليم جو ٻئو مقصد اهو آهي ته اها تورن

**تعليمي نظام**

ماڻهن کان کسي ساري جنتا تائين پهچائجي ۽ انکي پيداوار لاءِ ڪم آڻجي. انڪري نئين چين ۾ هارين، مزورن ۽ غريب جنتا ۾ وسيع پيماني تي اڀياس جو دورو چالو آهي. اينتري قدر جو ڪنهن وقت شام جو استرين پرشن جا جوڙا هڪ ٻئي سان تعليمي ڊيوٽ ڪرڻ ۾ مشغول نظر ايندا. گويا سارو ملڪ هڪ شاهي سڪول بڻجي پيو آهي.

عوامي سرڪار تعليمي ترقي جي ڏس ۾ ۴ قدم کنيا. (۱) هارين ۽ مزورن لاءِ "سياري جا سڪول" "والد ڪائي جا سڪول" ۽ "ٿوري عرصي وارا سڪول" کوليا ويا، جنکي ٻين پرائمري ۽ سيڪنڊري سڪولن جهڙو درجو ڏنو ويو. (۲) ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ لاءِ "مقرر ٿيل عمر" ۽ "خاص امتحان پاس ڪرڻ" وارن شرطن کي ختم ڪيو

خاص ڳڻن ڏيکاريندڙ شاگردن تي به خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي. جن شاگردن تي گهرو جهيڳڙن جو اثر ٿيندو، تنکي ماستر ان اثر کان آزاد ڪرائڻ لاءِ هرڪا مدد ڪن ٿا. مثلا هڪ ڏهن سالن جو ٻالڪ ليسين اڪثر ڪلاس ۾ ننڊ ڪندو هو. هنجي ماسترياڻي هنجي گهر ويئي. ٻالڪ جي ماءُ ٻڌايس ته "ٿي سگهي ٿو ته راتجو منهنجي ۽ منهنجي پتيءَ جي وچ ۾ ٿيندڙ جهيڳڙي سبب روز هنجي ننڊ ۾ خلل پوندو هجي." جهيڳڙي جو ڪارڻ اهو هو جو زال اڻپڙهيل هئڻ ڪري حساب پورو نه رکندي هئي. ماسترياڻيءَ رٿ ڏني ته ليسين پنهنجي ماءُ کي لکڻ پڙهڻ سيکاري. رٿ ڪامياب ويئي ۽ ٻالڪ پوءِ ڪڏهن به ڪلاس ۾ ننڊ نه ڪئي.

ڪتابن لاءِ چاهه هوندي به چيني شاگرد صرف ڪتابي ڪيڙا ناهن. هننکي بدني پورهئي لاءِ عزت آهي ۽ اهو ڪرڻ کان نه هٽڪندا آهن. ڪيترن ئي وقتن تي هزارين شاگردن سرڪاري رالدين جي ميدانن وغيره ناهڻ ۾ مدد ڪئي. انهن ڪيترائي دفعا پنهنجن سڪولن جي عمارتن جي صفائي ڪئي آهي. وراندن ۽ ميدانن ۾ گل، بوٽا، ڀاڄيون ۽ ڪاڏي جون ٻوٽن شيون پوکيون آهن. هو لشڪر جي سپاهين کي ساڙهڻ پنهنجي عملي تعليم جو حصو سمجهندا آهن.

# تهذيبي زندگي

نئين چين جي عوامي سرڪار ٽن سالن جي عرصي جنتا جي ۾ نه صرف اُٽي، لٽي ۽ اجهي جو مسئلو حل ڪيو پر انجي سڄي زندگيءَ ۾ تهذيب جي رنگيني ڀري آهي. ان ڪم لاءِ خاص تهذيبي وزارت برپا ٿيل آهي. اڄ ساري چين ۾ سوين تهذيبي محلات، ناٽڪ گهر، موسيقي گهر، سنيمائون، عجائب گهر، راندين جا گهر وغيره کوليا ويا آهن جتي ساري جنتا جي وندر ۽ سکيا جو پروگرام ٿيندو آهي. جنتا کي هتن تهذيبي سرگرمين لاءِ سڀ سهنج ۽ وجهه ميسر آهن. هنوقت اُتيجي ۲۴۳۶ ڪائونٽيز ۽ ۶۰۰۰ ضلعن ۾ تهذيبي مرڪز آهن. ۲۵۰ تهذيبي ٽوليون ۽ ۲۰ هزار ڪلبون ۽ واچناليه پڻ آهن.

**ساهت ۽ ڪلا**

جهوني چين ۾ ساهت ۽ ڪلا وغيره جو آنند صرف ۱۰ سيڪڙو آدم مس ماڻي سگهندو هو. ساهتڪار ۽ ڪلاڪار به ان طبقي مان ئي هئا جي "فن برائي فن" جي اصول تي هلندا هئا. ليڪن اڄ ساهت ڪلا وغيره جا خزانا جنتا جي ملڪيت آهن. ڪامريڊ مائو ساهت ۽ ڪلا جي مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪندي هڪ هنڌ لکيئو "جنتا جي زندگيءَ ۾ ساهت ۽ ڪلا جي ڪاڻ سمايل آهي جنهمان ساهتڪار ۽ ڪلاڪار کي پنهنجي رچنا

لاءِ ڪچو مال مليو." ۽ اهڙا اڪثر فنڪار ڪامريڊ مائو جي صلاح جي پيروي ڪري رهيا آهن. جنهنجي رچنا ۾ عام جنتا جي بهتري جي جدوجهد جو چٽو نه چٽيل هوندو، سو ڪلاڪار پاڻ کي ويڳاڻو پيو محسوس ڪندو ڇو ته اڄ جنتا رجعت پسند ادب ۽ فن کان منهن موڙي ڇڏيو آهي. ڀارت جو مشهور ڪلاڪار **مقبول حسين** لکيو، "اُني ڪلاڪارن کي سماج جي بهتري ۽ ترقي جي ڪم ۾ رنيايو ويو آهي. اڄ هنن کي ڀارتي ڪلاڪارن وانگر پنهنجي رچنائن لاءِ نڪو گراهڪن پٺيان ڊوڙڻو ٿو پوي ۽ نڪو ڪو بک مرڻو ٿو پوي." هيلتائين مارڪس، اينگلس، لينن ۽ اسٽالن جي ڪتابن جون ڇهه ڪروڙ ڪن ڪاپيون وڪاميون آهن. ١٩٥٢ ۾ ٦ هزار ڪتابن جون هڪ ١٠٠٠ ڪروڙ ڪاپيون ڇپيون.

چيني ٿيٽر جا ڏاڍا شوقين آهن. جيتوڻيڪ جهوني نظام ۾ ٿيٽر جنتا ۾ ڏاڍو لوڪ پسند هو، ته به ان ۾ ڪم

### ٿيٽر ۽ سئنيما

ڪندڙن جي حالت تمام بري هئي اداڪار، راڳيندڙ ۽ نرتڪار موچين، حجامن ۽ ويشيائن وانگر اڇوت سمجهيا ويندا هئا. جنڪي سيڪرانت شامل ٿيندا هئا انهنکي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ ماريو ويندو هو ۽ سکيا پوري ڪري هنن کي ڪيترن سالن تائين پنهنجن استادن کي ڪمائي ڏيڻي پوندي هئي.

ليڪن اڄ نه صرف ٿيٽر کي سڌاريو ويو آهي پر ان



# ڪاميابيءَ جو راز

چيني انقلاب جي ڪاميابي ۽ حيرت انگيز ترقي جو راز ٽن مکيه ڳالهين ۾ سمايل آهي. (١) اتي مارڪس، اينگلس، لينن ۽ اسٽالن جي اصولن سان هٿيار بند منظم ڪميونسٽ پارٽي آهي جنهن خود-تنقيد جي اصول کي اپنايو آهي ۽ عام جنتا سان گهرو ناتو جوڙيو آهي. (٢) عوامي فوج ۽ (٣) سامراج وروڌي لوڪشاهي عناصرن جو گڏيل مورچو.

**ڪميونسٽ پارٽي**

١٩٢١ ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي قائم ٿيڻ کان اڳ چين ۾ اسانجي ملڪ جي ڪانگريس وانگر ڪيتريون ئي بورزيا پارٽيون هيون. انهن چيني انقلاب ۾ ڪنهن حد تائين برابر ترقي پسند حصو ورتو پر انقلاب کي ڪامياب بڻائي نه سگهيون، ڇو ته ڪميونسٽ پارٽيءَ وانگر انهنجون پاڙون پوري ريت عام جنتا ۾ ڪتل نه هيون. انهن چين جي سماجي ۽ تواريخي حالتن جو پورو اڀياس نه ڪيو هو، انقلاب جي نوعيت کي نه سمجهيو هو ۽ پنهنجين غلطين کي قبول ڪرڻ ۽ سڌارڻ لاءِ تنقيد ۽ خود-تنقيد جو اُصول نه اپنايو هو.

ڪامريڊ مائوجي اڳواڻي ۾ ڪميونسٽ پارٽي، مارڪسواد تي چين جي حالتن مطابق عمل ڪري ايڪ مصيبتن جو

وڏي ڳالهه اها آهي ته سپاهي بنا سبب ڄاڻڻ جي لڙي مري نه ڄاڻن. ان هوندي به فوج ۾ زبردست انتظام آهي، لشڪر کي جنتا سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ لاءِ ٨ حڪم مليل آهن: (١) فضيلت سان ڳالهائڻ (٢) خريد فروخت ۾ سڌي هلت هلڻ (٣) اڌاري شيءِ موٽائي ڏيڻ (٤) نقصان جو عيوضو ڏيڻ (٥) عام ماڻهن کي نه تنبيهه ڪرڻ ۽ نه مارڻ (٦) فصل ناس نه ڪرڻ (٧) زالن سان ڇيڙڇاڙ نه ڪرڻ (٨) جنگي قيدين سان خراب ورتاءُ نه ڪرڻ.

## گڏيل مورچو

ڪميونسٽ پارٽي ۽ عوامي فوج جون سوڀون تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهيون جڏهن انهن چيني جنتا جي گهڻي ۾ گهڻي اڪثريت جي حمايت حاصل ڪئي. ڪميونسٽ پارٽي شروعات کان ئي سامراجين ۽ جاگيردارن خلاف جدوجهد جو جهنڊو بلند ڪيو، جنهن ۾ ان سيني سامراجي ورودي، لوڪشاهي جماعتن ۽ شخصن کي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. انڪري ئي ١٩٣٦ع ۾ جيتوڻيڪ چيانگ، ڪميونسٽن تي ٧ دفعا خونخوار حملا ڪيا ته به ڪامريڊ مائو چيانگ خلاف قومي مورچو ڪٺو ڪرڻ جي لحاظ کان گرفتار ٿيل چيانگ کي سندس سپهه سالارن جي چنبي مان آزاد ڪرائي سمجهوتو ڪيو. اڄ به چيني سرڪار ۾ ڪميونسٽن جا صرف $\frac{1}{3}$ حصو ھموڻي آهن.

# "نئي دنيا"

نئين زندگيءَ جي راهه ڏيکاري ٿي - انساني زندگي جا اڄ حيران ۽ پريشان آهي ۽ جنهن ۾ هر ڪنهن کي پنهنجي آئينده جو فڪر ستائي ٿو. ڀلا اها زندگي ٿي ڪهڙي جنهن ۾ انسان کي پورو اٽو لٽو، اجهو ۽ علم ميسر نه هجي ۽ پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي جو خون چوسڻو پوي؟ اهڙي خودغرض زندگي ۽ لوٽ کسوٽ واري سماج کي بدلائڻ لاءِ، عمل جي هڪ نئين راهه جي ضرورت آهي. ان عملي جدوجهد جي راهه کان واقف ٿيڻ لاءِ پڙهو:—

## "نئي دنيا"

(سنڌي ۾ هڪ ئي جهونو ترقي پسند ماهوار رسالو
جنهن پنجن سالن کان سنڌي ادب ۽ جنتا جي
خدمت ڪئي آهي.)

في ڪاپي ۴ آنا. ساليانو چندو ٽي رپيا.

ايڊريس:— **پوسٽ باڪس ٦٤٥١، ماهيم، بمبئي ١٦.**

بمبئي شهر جي ايجنٽ کان گهري وٺو.

★ هڪ دفعو ڪاٺي ڏرو ڏسو ★

"دلال" جو
راجا راڻي ڇاپ
ٽيبل واچڪر جو
لذيذ ۽ هاضميدار
آهي.



"مڪي مائوس"
سيٽون.

"دلال" جو
...ٽي جو ساس
[ڪيچپ]
...جو ڪاڙهي ڪي
...ڄامع سوادي
بڻائي ٿو.

★ هي شيون سيڪڙن هنڌ ملن ٿيون ★

جيڪڏهين توهانکي نهايت واجبي اگهن تي
سکو فروٽ، بسڪيٽ چاڪليٽ، سرهو صابڻ،
سنڌي آچار، نج گيهه، داليون، مصالح وغيره
گهرجن ته يڪدم ٽيليفون ڪري گهر
ويٺي ئي اسان وٽان گهرائي وٺو.

## بامبي پرووزن اسٽورس

۴۱۹- اي، گرانٽ روڊ، ڊاولٽي سنيما جي سامهون
بمبئي ۷.
ٽيليفون نمبر ۷۰۳۰۹

---

انتظار ڪريو! تيار ٿي رهيو آهي!

## "سوويٽ سرڳ"

سماجوادي روس بابت "الم" جي مضمونن جو الوڪو ڪتاب.



★ قيمت ٻارهن آنا ★

3600

History

38